ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# مخدوم صاحب جي سرپرستيءَ هيٺ نڪتل ٻه ادبي رسالا

## ("روح ادب" ۽ "شاعر" جو وچور)

مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ، سنڌ ۾ خاص طور علم ادب، تعليم ۽ موسيقيءَ جي جيڪا سرپرستي ڪئي، سا ڪنهن کان ڳجهي نہ آهي. پاڻ اشاعتي ڪم ۾ جيڪا مدد ڏنائون، اُن جي تفصيل کي ڇڏي فقط ادبي رسالن کي ڏسبو تہ اُن سلسلي ۾ نمايان ڪم ڪيائون. هڪ طرف مالي مدد ڏنائون ۽ دلچسپيءَ سان اُن اشاعتي سلسلي جي ڪامياب ڪرڻ ۾ ڪوشان رهيا، ٻئي طرف مالي مدد سان گڏ مڪمل طور ادبي سهڪار ۽ سات بہ فراهم ڪيائون.

سنڌن انهيءَ عزم جا ٻہ مثال، ٻہ ادبي رسالا "روح ادب" ۽ "شاعر" آهن. انهن رسالن ۾ مالي نقصان سَٺائون ۽ اشاعتن ۾ دير بہ ٿي. پاڻ پورو پورو ادبي ۽ مالي سات ڏيندا رهيا. ادارت بہ ٻن اهم اديبن جي حوالي ڪيائون، پر ڪاميابي حاصل نہ ٿي. اُهي ٻہ اديب محمد خان غني ۽ غلام محمد گرامي هئا، جن جي قابليت ۽ صحافتي توڙي ادبي، تجربي ۽ اهليت ۾ ڪنهن کي ڪڏهن بہ شڪ نہ هو. هِن مضمون ۾ فقط اِنهن ٻن رسالن جا تفصيل حاضر خدمت آهن:

**روح ادب:** هي سالو مخدوم صاحب، اداره روح ادب جي سايي هيٺ ڪڍيو. پاڻ هن اداري جا سرپرست ۽ باني هئا. اداري جي انتظاميہ جي سٿاء سان گڏ رسالي روح ادب جو ايڊيٽوريل بورڊ تشڪيل ڏنو ويو هو، جنهن ۾ جناب محمد خان غنيءَ جي ڪليدي حيثيت هئي. غني صاحب ايڊيٽر هو. ڪيس صحافت جو تجربو بہ هو ۽ سنڌيءَ جو مڃيل اديب ۽ شاعر بہ هو. هن رسالي جو پهريون پرچو آڪٽوبر 1954ع ۾ نڪتو. پرچي جا صفحا 50 ۽ ساليانو چندو ڏهہ روپيا

آهي. روح ادب جا ڪل چار شمارا نڪتا. هرهڪ ۾ آيل مواد جو تفصيل هن ريت آهي.

## جلد: 1- نمبر: 1 آڪٽوبر 1954ع

1- مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جو فوٽو.

2- مخدوم صاحب طرفان پر لفظ "ارشاد گرامي" جي سِري هيٺ. هن مختصر تحرير ۾ مخدوم صاحب جن اداري روح ادب جو تعارف ڪرائيندي ٽن ذيلي شعبن جو اعلان ڪيو. آهي آهن؛

دارالمصنفين، بزم مشاعره، راڳ سڀا.

3- اي شاهِ سنڌ (نظم) ساجد سرشاري.

4- التماس- طرح مصرع، پيچ پرين ڪان ... الخ.

نائب ايڊيٽر جناب اسد تڪڙائيءَ طرفان ڏنل آهي.

5- حمد باري تعاليٰ (حمد) سرشار عقيلي

6- اداريو: پنهنجون پچارون- از: محمد خان غني.

7- مضمون نگارن کي گذارش.

8- روح ادب (نظم) - محمد خان غني.

9- شاه پٽائيءَ جو احوال - جي ايم سيد.

10- شاه جي سنڌڙيءَ جون حدون.

11- شاه جي حقيقت نگاري - حافظ شاه حسيني.

12- سلام (نظم) محمد خان غني.

13- سنڌ جو سينگار (نظم) - لالا آنند پرڪاش ڪنڊڪوٽي.

14- شاه ۽ سندس شعر جي مقبوليت - حافظ محمد احسن.

15- شاعر حق شناس - عبدالڪريم چشتي.

16- شاه بابت روايتون - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

17- گهوڙو شاه جي نظر ۾ - عبدالرحيم جوڻيجو.

18- شاه جي حب الوطني - قاضي محمد علي اختر.

19- جاڳ اي فرد سنڌ جاڳ - (نظم) امير قريشي سرشاري.

20- شاھ جو بيدل تي اثر - ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

21- نعت شريف - مسڪين سرشاري.

22- شاھہ لطيف (نظم) - احمد خان  ختر.

23- ساھڙ جي سڪ (نظم) - احمد خان اختر.

**فوٽو**

ڊاڪٽر گربخشاڻي - مرزاق قليچ بيگ - محمد بخش واصف - دين محمد وفائي - غلام محمد شاھواڻي- ميران محمد شاھہ - جي ايم سيد - ڊاڪٽر دائود پوٽو.

24- جي تو بيت پانئيا، سي آيتون آهين - سيد بچل شاھہ.

25- شاھ ۽ تصوف - راز بلڙائي.

26- شاھ جي سسئي - حسيني اسدالله شاھہ اسد.

27- شاھ جو نظريہ انسان - غلام محمد گرامي.

28- سنڌ جو عوامي شاعر شاھ ڀٽائي - غلام مصطفيٰ قاسمي.

29- شاھ ڀٽائي ۽ سندس پاڙيسري - محمد يعقوب چانگ.

30- 'ھاڻ ڪجھہ پنھنجي متعلق' جي سِري هيٺ اداري جي مشڪلات ۽ رسالو عربي خط جي ٽائيپ ۾ ڪيڻ جو ارادو ظاھر ڪيل آهي.

31- فوٽو، سرشار، عارف المولىٰ ۽ غني.

32- شاھ جا بيت ۽ محمد علي جوھر جو نظم.

33- تبرڪات شاھ - عبدالڪريم سعدي.

(رسالو ھاشمي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو).

## جلد: 1 نمبر: 2، نومبر 1954ع

1- پنھنجون پچارون (اداريو).

2- مخدوم غلام حيدر صاحب جو فوٽو.

3- سروري ڪاليج ھالا جي عمارت جو فوٽو.

4- طلب الطالب (نعتيہ ڪلام) مخدوم طالب المولىٰ.

5- حضور رسول اڪرم صلعم جن جي سيرت پاڪ تي ھڪ صفحي جو مضمون.

6- نعت - قاضي اسدالله شاهہ فدا.

7- باده ڪُهن (نعت) - شمس الدين بلبل.

8- گلستان مصطفيٰ (نعت) - محمد هاشم مخلص.

9- انتظار سرورِ ڪائنات (صلعم) - برده سنڌي.

10- محسنِ انسانيت - راز بلڙائي.

11- صبح ميلاد (نعت) - حافظ عبدالله بسمل.

12- اسان جي آقا جون خصوصيتون - عبدالڪريم چشتي.

13- تشريف - حافظ محمد احسن.

14- پريم جي شڪتي - بابا هرنام داس ڪبير پنٿي هريانہ واسي.

15- منهنجا سلام چئجا (نظم) - احمد خان اختر.

16- يارسول الله (نظم) - مولوي محمد نورنگ زادو.

17- حضور جن جو حسنِ سلوڪ: دشمن مذهب و ملت کي معافي.

18- رحمت اللعالمين جي رهڻي ڪرڻي.

19- اسوه حسنہ - احمد خان اختر.

20- مصطفيٰ صلعم جو قيدي - محمد عثمان ڏيپلائي.

21- حق جو رعب - سيرت ابن هشام تان ورتل.

22- بُت شِڪن - سوامي رامانند جي.

23- شانِ محمد (نظم) - رحيم بخش هوش.

24- شان رسول (نظم) - حافظ محمد احسن.

25- شان ربيع الاول (نظم) - محمد خان غني.

26- مدح و ثنا چار يار -

الف: شان ذولنورين - شان فاروق اعظم (حسين شبير ٽڪڙائي).

ب: مدحت مرتضيٰ - سيرت صديق (محمد دائود تاج ٽڪڙائي)..

27- فوٽو. پروفيسر محبوب علي چنہ

= محمد بچل محبوب هوسڙي والا.

/ 28- غزل - سرشار عقيلي.

29- اندلس جي علمي تاريخ - مولائي شيدائي.

30- غزل - محبوب هوسڙي والا.

31-مشاهيرسنڌ- حافظ محمدهارون دلگير جي باري ۾ مضمون- اسدالله شاه اسد.

32- دلگير جو ڪلام.

33- فتنہ خانقاه (نظم) - محمد خان غني.

34- سيوهڻ سنڌ - چنہ شبير ناز.

35- تنگ ڪشو ۽ لغام - عبدالرحيم جوڻيجو.

36- بره جي بهار (ڪافي) - عارف المولیٰ.

37- ادبي محفلون (رپورٽ) - احمد خان اختر.

38- جهوڪ شريف ۾ ادبي ڪانفرنس جو خطبہ استقباليہ - فدا سرشاري.

39- شاه شهيد (هديہ عقيدت) - محمد خان غني، محمد نورنگ زادو، علي محمد خالدي، امير قريشي، اسدالله شاهہ، حافظ شاه حافظ، احمد خان اختر ۽ محبوب ٺٽوي.

40- ڪرشمہ قدرت (مضمون).

## جلد: 1 نمبر: 3 ڊسمبر 54 ۽ جنوري 1955ع

1- دفتري اطلاع.

2- پنهنجون پچارون.

3- ارشاد گرامي: مخدوم طالب المولیٰ جن جي طرفان اداره روح ادب ۽ اينڊڙ مخدوم نوح نمبر جي باري ۾ اعلان.

4- سنڌ جا گمنام شاعر ۽ سگهڙ: هان فقير ۽ پريور شاه- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

5- حضرت حمزه جو مسلمان ٿيڻ (نظم) - حافظ محمد احسن.

6- شاه جي سنڌي - اسدالله شاه اسد.

7- معلومات: ميمڻ قوم - مولائي شيدائي.

8- مرحبا روح ادب (نظم) - ڪريم بخش چنہ.

9- واقعات عالم - محمد خان غني.

10- مشاهير سنڌ: مراد علي ڪاظم جي خودنوشت سوانح حيات.

11- غزل - بلاول پرديسي.

12- رات جو وقت (نظم) - شاهنواز شاه ٽڪڙائي.

13- ڳائي تہ ڏس (گيت) - محمد خان غني.

14- گيت - برڊو سنڌي.

15- سير و سياحت - بچل شاه.

16- پهاڪا پڙه (نظم) - احمد خان آصف.

17- باب التواريخ: فيروز شاه جي لٺ - محمد خان غني.

18- غزل - راز بلڙائي.

19- قيدي (افسانو) - محمد خان غني.

20- فوٽو: سرشار عقيلي (ٻين بہ انهن شاعرن جون تصويرون بنا نالي ڏنل آهن).

21- غزل - خادم صوفي.

22- بزرگان دين: سيد شاه داد شهيد - محمد عثمان ڪتياڻ.

23- ڪافي- محمد عثمان تورنگ زادو.

24- گردان 'مگرها' (مذاحيہ مضمون) - عبدالجبار شام [جوڻيجو].

25- غزل - بشير موريائي.

26- شاعري جا سبق - ادارو.

27- سنڌي اخبار جي شروعات - موتيرام ڏامون مل.

28- اسان جون ادبي محفلون: بزم احباب ڪراچي جي مشاعري منعقد پهرين ڊسمبر 1954ع جي رپورٽ ۽ سرشار عقيلي، ساجد سرشاري، علي محمد خالدي، محمد دائود بن غني، طفيل عقيلي، علي محمد اسير ۽ امير بخش امير جو غيرطرحي ۽ طرحي ڪلام.

29- نظم - محمد عابد ابڙو.

30- نظم - حڪيم لالا آنند پرڪاش.

31- ميزان عدل - عاجز نقوي.

32- اعلان.

## جلد: 1 نمبر: 4 فيبروري 1955ع

1- پنهنجون ڳالهيون - اسدالغني.
(اپريل جي پرچي مخدوم نوح نمبر جو اعلان)
2- طرح: پنج پرين ڪان هو ڪڏهن منهنجي پوئواري ڪندا. تي ڪلام طالب المولي، محمد خان غني، نواز علي نياز، اسدالغني، علي محمد خالدي ۽ حافظ احمد لاڪو.
3- حسن علي آفنديءَ جو فوٽو.
4- فن تاريخ ۽ مؤرخ جا فرائض: ابن خلدون جي روشني ۾ - غلام محمد گرامي.
5- سارنگ (نظم) - محمد خان مجيدي.
6- ميمڻ قوم - مولائي شيدائي.
7- شاعريءَ جو پهريون سبق- سرشار عقيلي (اڻ ڇپيل ڪتاب 'سنڌي موزون شاعري' تان ورتل).
8- نظم - فضل الحق فضل.
9- ڪافي - محمد خان غني.
10- ياسمين (افسانو) - نثار مرزا پوري.
11- نظم - انيس مهيري.
12- اسان جي ادب جا اسان جي تهذيب تي اثر- سراج بسمل.
13- روح ادب (نظم) - راز بلڙائي.
14- تان سين - محمد علي اختر مورائي.
15- آه آتشين (نظم) - رسول بخش خمار.
16- ادب ۾ ڏند ڪٿائن جي اهميت - عبدالقيوم صائب.
17- سؤ قبن سان مسجد - چنم شبير ناز.
18- نظم - محمد رمضان ميمڻ رضا.
19- غزل - ثاقب سرشاري.
20- سنڌي هڪ قديم ۽ باعظمت زبان آهي - اي ڪي بروهي.
21- نظم - احمد خان اختر.

22- صاحب جو شڪار (افسانو) - محمد خان غني.

23- سائنس - احمد خان اختر.

24- نواب زينت محل - محمد حسن قريشي برق.

25- ٻچي يوسف - ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

26- سڪ سچي - تاج محمد مگريو.

27- ڪلام - مولوي محمد نورنگ زادو.

28- ڪلام - احمد خان آصف.

29- سنڌي اخبار جي شروعات (2) موتيرام ڏامون مل سوليجي.

منهنجي معلومات موجب اِهي ٿي چار شمارا نڪتا ۽ مالي مشڪلات سبب رسالو بند ٿي ويو.

**شاعر:** هي رسالو به مخدوم صاحب جي سرپرستي ۾ نڪتو. رسالي جي اجراء مان ئي مخدوم صاحب جن جو موسيقيءَ ڏانهن دلي لاڙو ظاهر ٿئي ٿو. هِن جو پهريون پرچو 'موسيقي نمبر' ٿي نڪتو. هن رسالي جو ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي هو. جيڪو ڇهن پرچن تائين هليو. اُن کان پوءِ انتظامي تبديليون ٿيون ۽ حافظ شاه 'ناطق' حسيني ايڊيٽر ٿيو. روح ادب وانگر شاعر به پنجن اشاعتن کان پوءِ بند ٿي ويو. پهريون پرچو به- ماهي جون جولاءِ 1956ع امين منزل حيدرآباد مان شايع ڪيو ويو. شمارن جو وچور هن ريت آهي:

## جلد: 1 نمبر: 1 جون- جولاءِ 1956ع

1- عرض حال.

2- شاعر (اقتباس) - علامه آءِ آءِ قاضي.

3- شعر (اقتباس) - علامه عمر محمد دائودپوٽو.

4- شاعر - هري دلگير.

5- شاعر - جهامنداس ڀاٽيه.

6- موسيقي - ابوالڪلام آزاد.

7- راڳ وديا - اُڌارام آسرائي.

8- سُر آديا ۽ تال اديا.

9- اسان جا ساز ۽ راڳ (ادارو).

10- موسيقي - علامہ قاضي.

11- عربي موسيقيءَ جو يوروپي موسيقي تي اثر.

12- بيجو باورا ۽ راڳ (ادارو).

13- غزل - طالب المولىٰ، سرشار عقيلي، هري دلگير، مرزا همايون بيگ، شمشير الحيدري، محبوب سروري ۽ شبير تکڙائي.

14- نظم - جوش، تنوير عباسي ۽ عزيز الله مجروح.

15- گيت - محمد خان غني، خادم سروري.

16- قطعو - عبدالقيوم صائب.

17- بيت - عبدالجبار شام [جوڻيجو].

18- ڪافي - عارف المولىٰ.

19- پيغام.

20- منهنجي پسند، شعر ۽ حوالا - طالب المولىٰ.

21- وفات ناما - خاڪا - اسدالله شاهہ.

22- تاريخ جو هڪ ورق - مولائي شيدائي.

23- سہ حرفي لفظن جو استعمال (ادارو).

24- غلط لفظن جو استعمال (ادارو).

## جلد: 1 نمبر: 2 آگسٽ کان آڪٽوبر 1956ع

هي سماهي پرچو آهي. باني ۽ سرپرست مخدوم طالب المولىٰ صاحب ۽ مدير مسؤل غلام محمد گرامي.

1- اداريو.

2- پيغام - علامہ آءِ آءِ قاضي.

3- سلام ۽ سنيها.

4- ڪافي ۽ اُن جو تجزيو- مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ.

5- ملهار ڳائڻ تي مينهن وسي سگهي ٿو - ضياءُ الدين بلبل.

6- پراڻو ۽ نئون ادب - (ادارو).

7- سنڌي شاعر – ع. ق. شيخ.

8- خاڪا (طالب المولي، ميران محمد شاه، سرشار عقيلي، غلام محمد گرامي، محمد خان غني، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ دين محمد اديب جا) آسد ٽکڙائي.

9- تاريخ شاعري جو هڪ ورق – مولائي شيدائي.

10- غير قافيہ شاعري (ترجمو ۽ اقتباس) فراق گورکپوري.

11- سہ حرفي لفظن جو شعرن ۾ استعمال – ادارو.

12- لفظن جو شعر ۾ غلط استعمال- ادارو.

13- آرٽ (افسانو) – سلطان سڪندري.

14- ڪافر (افسانو) – بشير صابري.

15- هڪ ڏينهن جو واقعو.

16- ڪراچيءَ جون سونيون راتيون.

17- جواب طلب.

18- چند هٿ آيل سنڌي بيت – طالب المولي.

19- سنڌي قافيا سندن حرڪات ۽ سڪنات – ادارو.

20- ڪتابن تي تبصرا.

21- بزم مشاعره – تماشبين.

22- ڇا طبلہ ۽ ستار جو موجود امير خسرو آهي؟

23- وفات ناما.

24- گيت، نظم ۽ غزل، طالب المولي، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، سرور علي سرور، محمد خان غني، همايون بيگ فائق، حافظ حسيني، عبدالله خواب، شبير ٽکڙائي، محبوب سروري، گل نصرپوري، راز بلڙائي، تنوير عباسي، اسدالله شاه، حسين بخش خادم اويس سروري، ميران محمد شاه، عبدالقيوم صائب، بردو سنڌي، عبدالحڪيم جوش ۽ خادم لاڙڪاڻائي.

25- اسان جا رسالا – مهراڻ ۽ نئين ڪيتيءَ تي تبصرا.

## جلد: 1 نمبر: 3 اپريل کان جون 1957ع

1- ايڊيٽوريل

2- خطَ

3- شعر ۽ شاعر، مرتب - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

4- بلئنڪ ورس - ڊاڪٽر جانسن/ مرزا ياس يگانہ چنگيزي.

5- علم عروض جا اصول - سرشار عقيلي.

6- سنڌي زبان جي سڌاري لاءِ ڪجهہ رٿون - طالب المولي.

7- اُچار ۽ تلفظ- ادارو.

8- تاريخ شاعري جو هڪ ورق - مولائي شيدائي.

9- ناسيہ (افسانو) - عزيز قنڌاري.

10- خودڪشي کان اڳ ۾ - فضل رحيم سومرو.

11- حصہ نظم:

طالب المولي، احسن، حسين بخش خادم، برده سنڌي، سرشار، علي بخش ڪوثر، عبدالله خواب، محبوب سروري، محمد حسن ساز، پرسرام ضيا، گل حسن ڪربلائي، اسدالله اسد، شبير ٽڪڙائي، محمد چٽل فدا، لطف الله بدوي، سرور علي سرور، هري دلگير ۽ ليکراج عزيز.

12- جميعت الشعراء جي تنظيم - محمد علي جوهر.

13- سرگرميون.

## جلد: 1 نمبر: 4 جولاءِ کان ڊسمبر 1957ع

هن شماري تي نمايان طور "رفيق حيات اشاعت خصوصي شاعر" لکيل آهي. مخدوم صاحب جي وڏي فرزند مخدوم زاده محمد امين (فهيم) جي شادي خانہ آبادي تي يادگار طور شايع ڪيو ويو. هن شماري جو مرتب بہ گرامي صاحب آهي. ضخامت 275 صفحا.

1- ٻہ اکر - طالب المولي.

2- شاديءَ جي موقعي تي مخدوم طالب المولي جو فوٽو.

3- عورت لاءِ ٻہ لفظ - قائداعظم.

4- عورت - ابوالڪلام آزاد.

5- عورت - عزيز قنداري.

6- عورت ۽ قديم سماج - مولائي شيدائي.

7- عورت ۽ مرد جي حيثيت قرآن جي نظر ۾ - غلام احمد پرويز.

8- اسلام ۽ عورت - مولائي شيدائي.

9- شاديءَ جي باري ۾ - گرامي.

10- شاديءَ مشعل راه - ايس. بي . وائڊ.

11- دوستانہ شادي - انيس ڪوشل.

12- مختلف ملڪن ۾ شادين جا سوڻ ۽ ساٿ - علي ناصر زيدي.

13- سماترا ۽ انڊونيشيا ۾ شادين جون رسمون - محمد مصباح الدين احمد.

14- مصر ۾ شاديءَ جون رسمون - جميلہ.

15- روس ۾ شادي - محمد عثمان ڏيپلائي.

16- سنڌي شادي ۽ ان جا سوڻ ساٿ - ولي محمد طاهرزادو.

17- سماٽ قوم جي شادي ۽ ان جا ساٿ - محبوب سروري.

18- سنڌي ڪنوار ۽ ان جا زيور - ولي محمد طاهرزادو.

19- ڇا پردو ملڪ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي - پروين رضوي.

20- مغربي تهذيب ۽ عورت - مهدي علي صديقي.

21- پاڪستاني عورتون : قسم.

22- پاڪستاني عورت - فضل رحيم سومرو.

23- پرديس کي ڇڏي ديس ۾ ڏسو - محمد شاه لطيفي.

24- عرب ۾ ٻانهين جي تجارت - جون ليفن.

25- موراڪو جي بي ۽ شهزاده بربر جا حرم خانا- برنارڊ نيومن.

26- عورت (نظم) - ضياء الدين بلبل.

27- مرد (نظم) - رحيم بخش هوش.

28- حضرت مخدوم نوح (اداره).

29- حالات حضرت مخدوم غلام محمد (اداره).

30- حالات حضرت مخدوم غلام حيدر (اداره).

31- سوانح حضرت مخدوم طالب المولٰي (اداره).

32- طالب المولیٰ هڪ عظيم شخصيت (اداره).

33- گهوٽ (محمد امين فهيم) جي سهري سان تصوير.

34- گهوٽ کي والد جي منظوم دعا.

35- گهوٽ جي سوانح عمري.

36- تقريب نڪاح جو فوٽو.

37- درگاهہ مخدوم نوح اڳيان گروپ فوٽو.

38- ٻہ ٻيا فوٽو.

39- ايڊيٽر (گرامي صاحب) طرفان منظوم مبارڪباد.

40- قطعہ تاريخ - اديب فيروز شاهي.

41- قصيده دعائہ فارسي.

42- قصيده - مولوي محمد ٻتوي خادمؔ (فارسي).

43- سَهرو - حافظ شاه حسيني.

44- ڪچهريءَ واري بنگلي ۾ فوٽو: مخدوم طالب المولیٰ گهوٽ ٻيا دوست (مشاعرو).

45- گرامي صاحب جو فوٽو.

46- سَهرا - طرح مصرع: رخ دلدار تي ڪهڙا نہ سهڻا ٿا سونهن سهرا (ڪُل 24 سهرا).

47- فوٽو سرشار عقيلي.

48- نوح سرور (نظم) - غلام محمد گرامي.

49- فوٽو ميران محمدؔ شاهہ.

50- فوٽو حسين بخش خادم.

51- غير طرحي ڪلام (ڪُل 9 شاعر).

52- طرح سَهرا (حصو ٻيو) 12 سَهرا.

53- شاعرن جون تصويرون.

54- سنڌي ادبي بورڊ جو تعارف ۽ اُن جي ڪتابن تي تبصرو.

55- سنڌي ادبي سوسائٽي جو تعارف ۽ ڪتاب- "ڪلام گرهوڙي" تي تبصرو.

56- ڪتاب "ڍولا مارو" تي تبصرو.

57- ڏيپلائيءَ جي ڪجهه ڪتابن جو تعارف.

58- ٻين ادارن جي ڪتابن جو تعارف.

59- آخري گذارش جي سري هيٺ سنڌي رسالن جو تعارف.

60- بزم طالب المولیٰ جي تنظيم جي باري ۾ معلومات.

## جلد: 1

هن شماري کي حافظ شاهه ناطق جي ادارت ۾ جميعت الشعراء سنڌ جو "مجموعه شعر و ادب" ڪري شايع ڪيو ويو. اڳوڻي انتظاميه تي اشارتاً حرف رکيو ويو آهي، عرض حال ۾ به نئين دور بابت لکيل آهي ۽ ائڊريس به تنوير محمد خان جي ڏنل آهي.

1- مقدمه شعر و شاعري – حالي.

2- تغزل – ظهير ڪاشميري.

3- سائي روشني (افسانو) – ترجمو شبير هاتف.

4- حصه نظم: طالب المولیٰ، اسدالله بيخود، راز بلڙائي، غلام رسول سوز، شاهين اظهر گيلاني، هدايت تارڪ ۽ امداد حسيني.

5- حاضر جوابي – ساقي سجاولي.

6- هاري (ڊرامو) – اسدالله بيخود.

هن پرچي جو معيار به گهٽ آهي ۽ ترتيب به اڳوڻن پرچن کان مختلف آهي.